1. شفيق احمد شاهاڻي
2. نور افروز خواجہ

# شاھہ عبداللطيف ۽ بلي شاھہ جي چيل سسئيءَ جي ڪلام جو تقابلي - تحقيقي اڀياس

# An Analytical and Comparative Study of Sassue in Shah Abdul Latif and Bullah Shah Poetry's

***Abstract:***

*This research paper comprised on comparative, critical and homogenetic study of Shah Abdul Latif Bhittai and Bulla Shah these two poets are classical poets of Indus valley and one of them Bulla Shah is exist in same Mughal period and due to impacts of Muhgal imperialusn, these Soofis as well are as redical and pro peasants class of Sindh and Punjab.*

*This research paper is comparised on an-analytical and comparative study about love story of Sassue-Punhoon. In this article many uniform and unique poetics observation are mentioned in both poets. This love story is evolute in great Indus vally's many cultural regions in same way and feelings. Many soofi poets are practice on this love story with complete thoughts of mysticism, deep love feelings and sorrows, struggle for her beloved punhoon in arid deserts and mountains range with complete determination. It is an tragedic love story, both characters souls meets with each others after death.*

اها تحقيق تسليم ٿيل آهي تہ سمورين سڀيتائن جي اوسر ۽ واڌ ويجھہ ڍڪڻ ڪان اُتر ڏانهن ٿي. ماڻهن جي لڏپلاڻ بہ ان ريت ٿي آهي. ساڳيءَ ريت قصا ڪهاڻيون بہ ڍڪڻ ڪان سفر ڪندا اُتر تائين پهتا ۽ پنهنجي جاگرافيائي ۽ سماجي علائقن ۾ انهن ڪهاڻين جي ساڳيءَ بنياد تي نئين اوسر، وڻ ڇانگ ڪان پوءِ نئين ڦوٽهڙي جي صورت ۾ نئين رنگ روپ ۾ ٿي آهي، جھڙوڪ:

"سوميري تهذيب هوريان هوريان درياھہ جي وهڪري جي مٿئين پاسي اُتر ڏانهن وڌڻ لڳي، اِهو اريدو شهر هئو. جتان ڪان سوميري تهذيب جو وهڪرو اُتر طرف رخ اختيار ڪري ويو."

(ابن حنيف، 1998ع: 44)

ان ريت شاھہ عبداللطيف ۽ ٻين جو چيل سُر سسئي ۽ ان ڪان بہ آڳاٽو سسئيءَ وارو قصو ڍڪڻ سنڌ مان سفر ڪندو پنجاب تائين پهتو ۽ اتي لوڪ شاعرن ۽ صوفي شاعرن ان تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن تحقيقي اڀياس ۾ شاھہ عبداللطيف ڀٽائي جي سُر سسئي ۽ پنجاب جي صوفي شاعر بلي شاھہ جي چيل سسئيءَ جي ڪلام جي ڀيٽ ڪئي وئي.

هڪ ڪيل ڇنڊڇاڻ موجب شاهہ عبداللطيف جي ڪلام جو پنجويهہ سيڪڙو حصو سُر آبري، سُر معذور، سُر ديسي، سُر ڪوهياري ۽ سُر حسيني تي آڌاريل آهي. هن ڪردار جي سچي ذڪر تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ واري فڪر ڪي پوريءَ ريت آئي اوتيو ۽ ان ڪي جرڪايو ۽ سجايو آهي. هي هڪ المياتي محبت جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ميڙائو مرڻ ڪان پوءِ ٿئي ٿو.

بلها شاهہ جو زمانو:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ بلي شاهہ سيهوڳي شاعر هئا، هنن جو دؤر مغلن جي سامراجيت وارو زمانو هو.

شاهہ لطيف جي هن همعصر شاعر بلها شاهہ جي وقت ۾ سندس خطي جون حالتون سياسي، توڙي سماجي طور تي تمام بگڙيل هيون، مذهبي شدت پسندي، ٻاهريان حملا، سماجي ناانصافي، ڦُرلٽ ۽ مارا ماري، انارڪي (Anorchy) واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي، ڊاڪٽر امجد علي ڀٽي لکي ٿو تہ:

”بلھے شاہ کا زمانہ سماجی، معاشی اور سیاسی لحاظ سے انتشار، ٹوٹ پھوٹ اور بد نظمی سے بھرپور تھا، جس کا لازمی نتیجہ سماجی اور معاشی زندگی پر برے اثرات کا پڑنا تھا۔ سماجی بدحالی اور لوٹ کھسوٹ نے عام آدمی کا جینا مشکل کیا ہوا تھا اور چھار جانب آپا دھاپي اور نفسا نفسی کا عالم تھا۔ انسانی خون پانی سے بھی سستا ہو گیا تھا، جس سے معاشرے میں پہلے سے موجود طبقاتی اونچ نیچ میں تیزی سے اضافہ ہوا۔“(ڀٽي، 2015ع: ص10)

پنجاب ۾ سک ۽ هندو مذهبي تفرقي بازي ۽ تعصب جو شڪار هئا. اورنگزيب جي ڪٽر مذهبي سوچ جي اثر هيٺ انهن ٻنهي مذهبي گروهن خلاف ڪاروايون تيز ڪيون ويون. سِکن ۽ هندن اهڙي رياستي ڏاڍ ۽ جبر جي مزاحمت ڪئي ۽ ان جي موٽ ۾ پگهتي تحريڪ ۽ شڌي تحريڪ هيٺ مسلمانن کي نشانو بڻايو ويو. سکن جي مذهبي اڳواڻ گرو ارجن سنگهہ ۽ وحدت الوجودي صوفي ميان مير سنڌي جيڪو اورنگزيب جي ڀاءُ داراشڪوه جو مرشد هو انهن ٻنهي کي قتل ڪيو ويو.

بلها شاهہ تي انهن خلق آزاريندڙ ۽ ڏکوئيندڙ حالتن جو تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ هن مذهبي تنگ نظري کي خوب ننديو ۽ ان کان لاتعلقي ڏيکاري:

نہ میں مومن وچ مسیت ماں،
نہ میں وچ کفر دیان ریتاں،
بلھا کی جاناں میں کون۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 253)

پنجابي ٻولي جي هڪ ٻئي وڏي ۽ بلها شاهه جي همعصر شاعر وارث شاهه (پيدائش 1709ع) ان دؤر جي پنجاب جي حالتن بابت پنهنجي ڪلام ۾ ساڳي وارتا بيان ڪئي آهي. "سڄي پنجاب ۾ خرابي آهي پر مون کي قصور جي حالت تي وڏو افسوس آهي. اشراف ماڻهو جي عزت گهٽ، ڪميٽي، پوءِ ڍائي امير جي وڏي لئي آهي، جيئن دلن پنجاب کي ڦريو ائين جوڳي کي لُٽي برباد ڪيو اٿن ۽ ُنهن ملن جهڙو پر ڪردار ۾ قصائي، اهي اسان جا نيڪوڪار ۽ چڱا ٿيو وينا آهن."

- سارے ملک پنجاب خراب وچوں سانوں وڈا افسوس قصور دائے۔
- اشراف خراب، کمین تازہ زمیندار نوں وڈی بہار ہوئی۔
- وارث شاہ جیون دَلاں پنجاب دُلي تیویں جوگی نوں لُٹ اجاڑیا نیں۔
- داڑھی شیخاں دی چھرا قصایاں دا بیٹھ پرہے، وچ پیچ سِد الوندے نیں۔

(طاهر، 2015ع: ص 18)

اهڙين حالتن جي جبر جي موٽ ۾ ردعمل طور جيڪي تحريڪون هليون ۽ مزاحمت ڪئي وئي، بلها شاهه ۽ ٻين صوفي شاعرن جي شاعري ان دؤر جوئي داستان آهي.

**بلها شاهه جي زندگيءَ جو احوال:**

بلها شاهه مغل بادشاهه اورنگزيب جي زماني 1680ع ۾ اُچ گيلانيان، بهاولپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو سخي محمد درويش هو جيڪو پڙهيل عربي، فارسي ۽ قرآني تعليمات جو وڏو ڄاڻو ۽ نيڪ سيرت انسان هو.

بلها شاهه جو اصل نالو عبدالله شاهه هو، جيڪو پوءِ بلها شاهه ٿي ويو. ماڻهو محبت وچان کيس بلهي شاهه، بلها شاهه يا وري فقط بلها چوڻ. سندس هڪ 'ڳنڍ' ۾ سندس نالو ظاهر ٿئي ٿو.

ھُن اِنااللہ آکھ کے، تم کرو نگاہیں،
اللہ ہی سبھ ہوگیا، عبداللہ ناہیں۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 458)

بلها شاهه ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي (جيڪو مسجد جو پيش امام ۽ معلم به هو) ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ کيس قصور موڪليو ويو، جتي عربي، فارسي جي چڱي تعليم حاصل ڪيائين.

بلها شاهه جي شخصيت تي سندس مرشد عنايت شاهه قادري (وفات: 1728ع) جو تمام گهڻو اثر ٿيو. هي بزرگ وڏو عالم ۽ ڪيترن ئي فارسي ڪتابن جو مصنف هو، جن ۾ معرفت جي منزلن جو خوب ذڪر ڪيو اٿس.

"آپ نے فارسی میں معرفت کی کئی کتابیں لکھیں، جن میں "دستور العمل"، "اصلاح العمل"، "لطائف غیبیہ" اور "اشارت التابعین" خاص طور پر مشہور ہیں، آپ نے "دستور العمل" میں

سات روحانی منزلوں کا ذکر کیا ہے، قدیم ہندو رِمی "ہنس" کا رتبہ حاصل کرنے کے لئے ان مراحل سے گزرنا ضروری سمجھتے تھے۔"

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 6)

عنايت شاھ قادري ڪجھ وقت قصور ۾ بہ رهيو پر مقامي حاڪم جي مخالفت سبب اُتان لڏي اچي لاهور ۾ رهيو ۽ عنايت شاھ لاهوري جي نالي سان بہ مشهور ٿيو سندس مقبرو بہ لاهور ۾ آهي.

بلها شاھ مرشد جي رنگ ۾ رنڱجي ويو. مرشد لاءِ سندس من ۾ حد کان وڌيڪ احترام، عقيدت ۽ محبت موجزن ٿي وئي ۽ بي اختيار چئي ڏنائين تہ:

بلھیا جے توں باغ بہاراں لوڑیں

چاکر ہو جا رائیں دا۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 255)

اهڙي طرح هن مرشد جي مريدي ۾ اچڻ تي جيڪو ذات جو آرائين هو بلهي شاھ جي مائٽن کي منيان لڳي تہ هڪ سيد زادو ڪيئن ٿو هڪ اُمتي کي مرشد بڻائي! بلها شاھ اها حڪايت هن ريت بيان ڪري ٿو:

بلھے نوں سمجھاون آئیاں، بھیناں تے بھر جائیاں،

آل نبیؐ اولاد علی دی توں کیوں لیکاں لائیاں،

منّ لے بلھیا ساڈا کہنا، چھڈ دے پلہ رائیاں۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 458)

بلها شاھ خاندان وارن جي زور پرڻ تي آرائين مرشد کان تہ منهن نہ مٽيو پر سندس مرشد سان محبت ۽ عقيدت اڃان بہ اتاهي ٿيندي وئي.

طارق عزيز شيخ لکي ٿو تہ:

"بلها شاھ جي مرشد سان عقيدتمندي ۾ ايتري تہ پختگي هئي جو مٿس مائٽن جي رکيل نالي عبدالله شاھ (بلهي شاھ جو ٻانگ جو نالو) کي ختم ڪري شاھ عنايت قادري کان سندس نالو رکايس جيڪو هن 'بلهي شاھ' رکيس." (شيخ، 1998ع: ص 36)

باطن ھو کے ظاہر ڈھائیو،

گھونگھٹ کھول جمال دکھائیو،

شاہ عنایت بن کر آئیو،

اتے بلھا نام رکھایو۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 458)

هي سچو صوفي ۽ سرمست ذات پات جو هٺ ۽ غرور ڪرڻ وارن کي دوزخي چوي ٿو ۽ ماڻهو ۾ موجود مٽيا ۽ من جي مير کان پاڪ، اندر جي اُجري انسان جي عزت ۽ احترام ڪرڻ لاءِ صلاحي ٿو. توڙي جو اهو معمولي ذات جو ڇو نہ هجي.

جهيڙا سانوں سيد آکھے، دوزخ ملن سزاياں،
جهيڙے اسانوں رائيں آکھے، بھشتی پينگاں پائياں۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 254)

بلها شاهہ جي پنهنجي مرشد سان عقيدت ايتري تہ وڏي وجي ٿي جو کيس دين، ايمان ۽ دين ۽ دنيا چوي ٿو:

"ان تي ئي بس نہ ٿو ڪري، محبوب جي ذات ۾ خدا جو روپ ڏسي ٿو ۽ ان کي خدائي صفت جيان هر هنڌ حاضر چوي ٿو:

ساون سوہے بدیگھلا، گھٹ سوہے کرتار،
ٹھور ٹھور عنایت بسے، پپیہا کرے پکار۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 13)

بلها شاهہ جي وفات جي پڪي پختي تاريخ تہ موجود نہ آهي، البتہ محققن جي اندازن موجب هن 1785ع ڌاري وفات ڪئي.

زماني جا عجب رنگ آهن. جو جنهن بلها شاهہ کي اڄ هر مڪتبۂ فڪر، مذهب ۽ طبقي طرفان توڙي سرڪاري طور تي وڏي مڃتا مليل آهي ۽ سندس ذڪر نهايت ادب ۽ احترام سان ڪيو وڃي ٿو ان ئي بلها شاهہ جي وفات تي مُلن کيس سندس انقلابي فڪر ۽ ڪردار سبب برادري جي قبرستان ۾ دفن ٿيڻ بہ نہ ڏنو. جڏهن تہ هاڻي اها صورتحال آهي تہ:

"شہر کے نامور لوگ جنہوں نے بلھے شاہ پر کافر ہونے کا فتویٰ عائد کر کے اُسے برادری سے خارج کر دیا تھا، آج زیادہ سے زیادہ دولت صَرف کر کے اُس کے نزدیک دفن کئے جانے میں فخر محسوس کرتے ہیں۔" (پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 1)

ڦلعي اهڙن، پنهنجي وقت جي مُلن خارج ۽ خلق آزار ريتن رسمن، رواجن، عقيدن، سوچن ۽ خيالن ۽ ڪردارن جي پنهنجي قول ۽ ڪردار وسيلي ننڊا ڪندڙ انهن کي اُگهاڙو ڪندڙ ۽ اهڙي ريت انهن جي رستي روڪ ڪندڙ ڳانن انسانن جي مٿي بہ مان لهي ٿي.

"ڪوڙين ڪن سلام آڳهہ اچئو ان جي."

بلها شاهہ پاڻ بہ اهڙن آملهہ انسانن جي موت کي نئين معنيٰ ۽ مفهوم ڏيندي ان کي هميشہ واري نئين زندگي جي مفهوم ۾ بيان ڪيو آهي.

بلھا شاہ اساں مرنا ناہیں
گور پیا کوئی ہور

بلها شاهه فرقيواريت جي بہ سخت مزاحمت ۽ مخالفت ڪئي. شيعہ ۽ سني ٻنهي کان بيزاري ڏيکاري ٿو:

سنی نہ، نہیں ہم سیعا، صُلح کل کا مارگ لیا

طارق عزيز شيخ لکي ٿو تہ:

”بلها شاهه جيئن تہ صوفي ميان مير سنڌيءَ واري ئي سلسلي سان واڳيل هو. انهيءَ ڪري مٿس اهڙين حالتن جو وڏو اثر وينو. مغلن جي اهڙين ڦهري ڪاروائين جي بلهي شاهه جيئن عڪس بندي ڪئي آهي. ان مان محسوس ٿئي ٿو تہ هو سياسي تاريخ جوڙڻ جو بہ خيال رکندو هو. مغلن جي سرڪاري چرپر توڙي تاريخي حالتن جي هنن سٽن مان خبر پوي ٿي.“ ”مغلن زهر جا پيالا پيتا، ڦورو راج ڏٽي ٿي وينا، شريفن ماٺ ڪئي، پنهنجي اصليت پاڻ ڏيکاريائون.“

مغلاں زہر پیالے پیتے،
بھوریاں والے راجے کیتے،
سب اشراف پھرن چپ کیتے،
بھلا اوھناں نوں جھاڑیاں ای۔
(شيخ، 1998ع: ص 42)

ساڳي ڳالهہ شاهہ لطيف پڻ مغلن کي پناڻ ڪوٺيندي ڪئي آهي.

پيم پناٽن سين، ٻولي جي نہ ٻجهن.
آءٌ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هُو پارسيون پڇن.
مون پڻ مُلا تن، سرتيون سوَر پرائيو.
(سوڍر، 1989ع: 94)

17هين صدي جي پنجاب جون حالتون بہ لڳ ڀڳ ساڳيون سنڌ واريون ئي هيون. مذهبي شدت پسندي جي جبر مختلف حيلن وسيلن سان غير مسلم کي ايذائڻ ۽ عذاب ۾ مبتلا رکڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي. پنجاب ۾ سکن سان اهڙي هلت روا رکڻ جي جواب ۾ گرو گوبند سنگهہ مزاحمت ڪئي. بلها شاهہ انهيءَ ڏاڍ خلاف جنگ جوٽيندڙ گرو گوبند سنگهہ جي ساراهہ ۽ مجتا ڪندي سماجي حالتن ۽ ان جي سرواڻن تي هڪ وڏي چٽر ڪري ٿو:

ناکہوں جب کی، نا کہوں تب کی،
بات کہوں میں اب کی،
اگر نہ ہوتے گرو گوبند سنگھ،
سُنت ہوتی سب کی۔

بلها شاهہ جي شاعري:

بلها شاهہ جي شاعري پنهنجي زماني جي عوام آزار ۽ خلق دشمن، مُدي خارج عقيدن، رسمن و رواجن ۽ جمود ۽ ماڻار (استيٽس ڪو) جي خلاف سنئين سڌي، کليل، دليرانہ ۽ بيباڪ بغاوت آهي، هُن بہ سچل سرمست ۽ خواجہ غلام فريد جيان ڪوڙ ڪ ۽ لحاظ روا نہ رکيو آهي.

جميل احمد پال لکي ٿو تہ:

بلھے" شاہ جیسا بے باک اور بے دھڑک اصبے کا شاعر ہمیں پنجاب میں کوئی اور دکھائی نہیں دیتا جو یہ کہتے ہیں:

بلھا پی شراب تے کھا کباب، ہیٹھ بال ہڈاں اگ
چوری کرتے بھن گھر رب دا، ایس ٹھگاں دی ٹھگ نوں ٹھگ۔

وہ اپنے مسلک کے پکے ہیں اور کسی ملامت کی پرواہ نہیں کرتے، فرماتے ہیں:

عاشق ہو یوں رب دا، ملامت ہوئی آ لاکھ،
لوکی کافر کافر آکھدے، توں آہو آہو آکھ۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 144)

بلها شاهہ ظاهر جي عبادتن کي اوري ڇڏي اجا اتانهون ٽپندو وڃي ٿو ۽ طريقت جي روشن راهہ تي عشق الاهي جو سفر ڪري ٿو. هن جي رندي رمز ۽ صوفياڻي بيباڪي اجهل ۽ اٽڪت آهي، هن جو ڪلام شوخي ۽ حجت جون بہ حدون پار ڪري وڃي ٿو. پنهنجي مرشد کي بہ "لاهور جو ٺڳ" چوي ٿو:

ڈاڈھی کیتی بے پرواہی، مینوں مل گیا ٹھگ لاہور"۔"

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 435)

هن وٽ 'ٺڳ' هڪ بنهہ الڳ ۽ انوکي مفهوم ۾ آهي، اهڙو مرشد جيڪو بي نياز ۽ دل ڦريندڙ ذهن ۽ روح تي مڪمل نموني ڇانيل رهي ٿو.

بلها شاهہ سڀ کان پهرين پنهنجي اندر اُجارڻ ۽ نفس کي قابو ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ "بلهي شاهہ جي تون غازي ٿيڻ ٿو چاهين تہ تلوار جي وار سان پهرين پنهنجي نفس کي مار ۽ پوءِ ڪافر ڏانهن وڌ."

بلھیا جے تو غازی بننا ایں، لکّ بنھ تلوار،

پہلوں رنگھڑ مارکے، پچھوں کافر مار۔

سچن عاشقن ۽ سماج جي ٻين طبقن ۽ فردن جي ڀيٽ ڪندي سندس ذهن ڪنهن بہ مونجهاري جو شڪار ناهي، صاف صاف چٽئي ڏئي ٿو تہ:

دھرمشالہ دھڑوائی رہندے، ٹھاکر دوارے ٹھگ،

وچ مسیت کسدے یے رہندے، عاشق رہن الگ۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 463)

ديندار جو جوهر، تت ۽ خلاصو مختصر ٻولن ۾ ٻڌائي ٿو چڙي تہ "هر وقت نفلن نمازن ۾ آهين، وڏي سڏ ٻانگون بہ ڏين ٿو منبر تي نيڪي جي ڳالهہ بہ ڪرين ٿو پر تنهنجي حرص توکي بي وقعت ۽ بي مانو ڪيو آهي."

حاجی لوگ مکے نوں جاندے، اساں جاناں تخت ہزارے،

جت ول یار، اوتے ول کعبہ، بھاویں پھول کتاباں چارے۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 305)

"حاجي مڪي جا راهي آهن پر اسان کي محبوب جي ماڳ مڪان ڏانهن وڃڻو آهي، جنهن پاسي يار آهي ڪعبو بہ اوڏانهن ئي آهي، پلي چارئي مقدس ڪتاب پيٽي ڏس".

بلها شاهہ جي اهائي سِڌي ۽ سنئين شاعريءَ ۾ ڳالهہ ڪرڻ سندس الڳ راهہ ڪري ۽ سچي سوچ، اعليٰ فڪر ۽ هلت ڪيس مڙني کان مٿانهون ڪري بيهاري ٿي ۽ اهڙي فڪر ۽ فلسفي سبب دنيادارن ۽ ظاهر جي عالمن ڪيس باغي ڪوٺيو.

بلها شاهہ ۽ شاهہ لطيف جي شاعري جي ڀيٽ:

تهذيبون ۽ قومون (Civilizations) هزارين سالن جي پيچيده ۽ ڳوڙهي عمل (Process) کان پوءِ جنم وٺن ٿيون. انگريزي زبان ۾ تهذيب کي (Culture) چون. جيڪو قديم ليٽن ٻولي جو لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي، "زراعت، ماکي جي مکين، ريشم جي ڪيڙن، سِپين وغيره جي پرورش يا افزائش ڪرڻ، جسماني توڙي ذهني واڌارا ۽ سڌارا ڪرڻ." تهذيب، عربي زبان جو لفظ آهي ڪنهن ٻوٽي يا وڻ کي سُوڌڻ سنوارڻ تہ جيئن ان مان نيون شاخون ۽ ڳوئنچ ڦٽن.

دنيا ۾ ڪجهہ قديم تهذيبون موجود رهيون آهن. جن ۾ سنڌوسڀيتا (Indus Civilizatin) بہ هڪ آهي، جيڪا هماليہ جي ڀهاڙن کان هندي سمنڊ تائين مچي وچي ٿي. هن ۾ مختلف قومون ثقافتون، تهذيبون، ٻوليون رهيون آهن. جن ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون بہ آهن تہ ڪئي انفرادي خوبيون ۽ خصوصيتون پڻ رهيون آهن، انهن مڙني قومن، ٻولين ۽ ثقافتن کي هڪ ڏاڳي ۾ پروئڻ ۽ قائم رکڻ ۾ مکيہ ڪردار سنڌو درياءَ جوئي رهيو آهي. جنهن جي ڪناري تي

هزارين ورهين کان آباد، اهي سمورا لوڪ مختلف طريقن سان هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. ثقافت ٻولي ۽ ادب جي معاملي ۾ ٻه اهوئي منظرنامو نظر اچي ٿو. سنڌوماٿرجي علائقن سنڌ ۽ پنجاب جي اعليٰ شاعري خاص طور تي صوفياڻي فڪر تي آڌاريل شاعري جا هڪٻئي تي اثر صاف ۽ چٽا نظر اچن ٿا.

طارق عزيز شيخ لکي ٿو تہ:

”سنڌو درياءَ جو تسلسل هئڻ ڪري پنجابي ڪلچر ۽ ٻوليءَ جو سنڌي ڪلچر ۽ ٻولي سان پراڻو تعلق آهي. اهوئي سبب آهي جو هِتان جي قومي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلامن ۾ حيرت انگيز هڪجهڙائي ملي ٿي. پنجاب جا شاهہ حسين، سلطان باهو ۽ بلهي شاهہ هجن يا سنڌ جا شاهہ ڪريم، شاهہ لطيف ۽ سچل انهن ۾ موضوعاتي توڙي لسانياتي هڪجهڙايون چرڪائيندڙ آهن.“ (شيخ، 1998ع: ص 33)

بلها شاهہ ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ڪيترين ئي موضوعاتي هڪجهڙايون موجود ملن ٿيون.

شاهہ لطيف بہ پنهنجي وقت جي ظلم، جبر ۽ ڏاڍ خلاف مزاحمتي ڪلام چيو. جنهن جو مختصر احوال ۽ تجزيو اڳ وارن بابن ۾ ڪيو ويو آهي. مغلن جي دؤر جي مارا ماري، استحصال ۽ عذاب هجن يا ڪلهوڙن جي دؤر جي افراتفري ۽ بي يقيني واري صورتحال. شاهہ عنايت جي شهادت هجي يا جنگين جهيڙن سببان سنڌ جي تباهہ حال معاشي حالت، ظاهر جي عالمن (ملن) جي مذهب جي آڙ ۾ خلق کي آزارڻ يا وياج خور ظالم سيٺين، واپارين ۽ ڏڪارين جا ڏيهين کي ڏتل ڏنپ ۽ عذاب. شاهہ لطيف انهن مڙني ڪردارن جي پنهنجي ڪلام ذريعي ننداڪئي ۽ عوام کي سجاڳ ۽ باخبر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. تنوير عباسي لکي ٿو تہ:

"شاهہ لطيف پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ پاراتو رڳو مُلان ۽ ڏڪاري کي ڏنو آهي. ’ڏڪاريا هن ڏيهہ مان موذي شال مرن‘ هن ’ڪر‘ کي بہ پِٽيو ناهي. ’الا ڪر جيئن، مَدي جن جي مَن ۾هُن رڳو مُلان کي بددعا ڏني آهي. جنهن جي ڪري سندس دؤر ۾ تعصب، نفاق، ويڙهہ، حقارت ۽ رتوڇاڻ سبب فضا جهنم بڻيل هئي، ۽ ان سان گڏ ’ڏڪارئي کي پٽيو اٿائين. جنهن جي ڪري سنڌ ۾ بُک، بيماريءَ بداخلاقي ۽ برائي جو زهر ڦهليو انهن ٻنهي طبقن جو هڪ ٻئي سان ساٿ هئو.“ (عباسي، 2000ع: ص 75)

گندي ۽ گراهہ جو حرص:

بلها شاهہ بہ اهڙن عالمن کي آئينو ڏيکاريو آهي جيڪي فقط رسمي عبادت تہ ڪن ٿا پر قلب جو ڪينو حوس ۽ حرص رکن ٿا. ”هر وقت نفلن نمازن ۾ آهين، وڏي سڏ ٻانگون بہ ڏين ٿو منبر تي نيڪي جي ڳالهہ بہ ڪرين ٿو پر تنهنجي حرص توکي بي وقعت ۽ بي مانو ڪيو آهي.“

پڑھ پڑھ نفل نماز گزاریں، اُچیاں بانگاں چانگھاں ماریں،

منبر چڑھ کے وعظ پکاریں، تینوں کیتا حرص خوار۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 356)

”بلها شاهه چوي ٿو ته جيڪي عالم پيٽ جو فڪر رکن ٿا ۽ پيٽ پري سمهن ٿا، اهي محبوب تائين رسي نٿا سگهن. انهن جي هي دنيا ملي نه بي دنيا ملندي.“

پڑھ پڑھ شیخ مشائخ ہویا، بھر بھر پیٹ نیند بھر سویا،

جاندی وار نیں بھر رویا، ڈبا وچ اُرار نہ پار۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 350)

شاهه لطيف به اهڙي اعليٰ فڪر جي ڦرهي پڙهائي ٿو ته جن کي هر وقت ويس وڳن ۽ ڪاڏي پيتي جي اون آهي، سي حقيقت جي منزل ۽ مُراد تائين پهچي نٿا سگهن.

گندي ۽ گراهه، جن سنياسين سانڍيو

اُني ڪان الله، آجان آڳاهون ٿيو.

(بلوچ، 1999ع: ص 445)

همه منصور هزار:

بلها شاهه صاف دل، وحدت الوجودي ۽ باعمل صوفي شاعر هو هُن به ٻين صوفي شاعرن جيان منصور حلاج جي سوري سينگارڻ واري واقعي جي وڏي واکي ساراهه ڪندي شاندار لفظن ۾ پيتا ڏني آهي:

شاہ منصور کہاوے

رمز اناالحق آپ سناوے

آپے آپ نوں سولی چڑھاوے

تے کول کھلوکے ہسدا نی!

بے حد رمزاں دسدا نی۔

شاهه لطيف جو جڳ مشهور صوفي حسين بن منصور حلاج (جنهن کي 'اناالحق' چوڻ ڪري سوريءَ تي چاڙهيو ويو) واري واقعي بابت بيت آهي ته: ”درياءُ اُن جي هر ترڙ ۾ اُن جي تيز وهڪري ۾ هر هنڌان اها ساڳي تنوار پئي اچي ۽ وڻ ٽڻ مان به اهوئي آواز پيو ٻُڌجي ته سموري مخلوق سوريءَ لائق آهي. يعني لکين ڪروڙين منصور آهن پوءِ تون ڪنهن ڪنهن کي ڦاس تي ٽنگيندين؟“

جر تڙ تِک توار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،

سڀئي شيءِ ڏٺا، سُوريءَ سزاوار

همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهئو چاڙهئين.

(بلوچ، 1999ع: ص 533)

ڏنو وڃي ته شاهه لطيف منصور جي سوريءَ چڙهڻ جي دردناڪ واقعي کي هڪ متحرڪ ۽ عملي پيڪر ڏئي، منصور کي سموري دنيا جي حق گو ۽ سچن ماڻهن جي ساڻ سان سلهاڙي ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ تشدد کي چتاءُ ڏنو آهي، ۽ پڻ حق پرستن کي همٿايو آهي.

اهڙيءَ ريت بلها شاهه جي شاعريءَ ۾ شاهه لطيف جي موضوعن وارا ڪيترائي بيت ملن ٿا، پر اختصار جي خيال کان هتي نموني طور فقط ڪجهه اهم موضوعن کي زير بحث آندو ويو آهي.

بلها شاهه جي شاعريءَ ۾ سسئي:

مجاز جو ماڳ ۽ جيئري مرڻ:

بلها شاهه عشقِ حقيقي سان گڏوگڏ عشقِ مجازي جي ماجرا به ڀرپور ۽ بيباڪي سان بيان ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيس به مجازي خوب موهيو هوندو، هو چوي ٿو ته عشقِ مجازي ڪانسواءِ منزل تي رسڻ ممڪن ئي ناهي ائين جيئن سُئي، سڳي جي ساٿ ڪانسواءِ بيڪار ۽ بي بها آهي.

جچر نہ عشق مجازی لاگے، سوئی سیوے نہ بن دھاگے،

عشق مجازی داتا ہے، جس پچھے مست ہوجاتا ہے،

عشق جہ . ھاں دے ہڈیں پیندا، سوئی نر جیوت مرجاندا،

عشق پتا تے ماتا اے، جس پچھے مست ہوجاتا ہے۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 294)

عشق جي چوٽ عاشق کي وجد ۽ سرور جي اُتاهين چوٽين تائين وٺي وڃي ٿي، جتي هن کي ڪنهن به شيءِ جو احساس نه ٿو رهي، ايستائين جو اُهو جيئري ئي موت جو احساس ڄاڻي ٿو وٺي. هِتي نفساني خواهشن کي ماري پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ ۽ ائين محبوب ماڻڻ جو اشارو به آهي.

"اي سسئي تون (مرڻ کان اڳي) مري ڏيکار ڇو ته حقيقي زندگي اُن محبوب کي ماڻڻ واري آهي".

شاهه لطيف جا انهيءَ موضوع تي ڪيترائي بيت آهن:

"مُ ُر ته مِڙين سسئي، جيئڻ اوڏو جت."

(بلوچ، 1999ع: ص 308)

"اي سسئي! تون پاڻ کي مار (يعني پنهنجون نفساني خواهشون ترڪ ڪر) تون اهڙي مرڻ کان پوءِ ئي پنهنجي مقصد ۽ منزل کي ماڻي سگهنديئن."

مَ ُر ته مِڙين سسئي، ويهي جِيءُ مَر جوءِ،

مُنڌ مَرڻان پوءِ، پهچنديئن پُنهون کي.

(بلوچ، 1999ع: ص 308)

## سسئي جا سُور صدائون ۽ ميارون:

بلها شاهہ سسئي جي ڪردار جي حوالي سان پنهون پاران سسئي کي ڇڏي وڃڻ تي ڪيس ميارون ڏيندي نظر اچي ٿو ۽ پنهون جي اهڙي بي رُخي ۽ بي پرواهي بعد سسئي جا سُور ٻڌائي ٿو. ”سسئي چوي ٿي تہ ڪهڙي خطا ڪارڻ منهنجا محبوب! تون مون کي ڇڏي هليو وئين جو منهنجون راتو ڏينهان ننڊون حرام آهن ۽ نيڻ نير پيا وهائين. تيز تلوارن ۽ ڪاتين کان بہ عشق جا عذاب وڌيڪ آزاريندڙ آهن. عشق ظالم ۽ بي پير آهي، جنهن جي سورن منجهہ هڪ پل جي ساهي بہ ناهي. جيڪڏهن منهنجو محبوب مون سان پرچي پوي مون تي مهر ڪري تہ اهي سمورا ڏک ڏور ٿي وڃن“.

مينوں چھڈ گئے آپ لدّ گئے، میں وچ کیہ تقصیر،
راتیں نیند نہ دِن سُکھ سُی ی ّ، آکھیں پلٹیا ِیر،
چھویاں تے تلواراں کولوں، عشق دے ، ی کھے تیر،
ءعسقے جیدڑنہ ظالم کوئی، ای زحمت بے پیر،
اِک پل ساعت آرام نہ آوے، بُری برھوں دی پیڑ،
باھا شاہ جی کرے عنایت، دُکھ ھوون تغیر،
مينوں چھڈ گئے آپ لدّ گئے، میں وِچ کیہ تقصیر۔

(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 114)

**بلها شاهہ سسئي جي دردن جي دردناڪ داستان ائين عيان ڪري ٿو جڻ ڪو ماڻهو پنهنجين ڪنناين جو قصو سوز ۽ گداز سان بيان ڪندو آهي، هن جي لفظن ۽ لهجي ۾ سورن جو ساڙو ۽ بيوسي بکي ٿي پئي.**

اُس کی کئی کافیوں میں اُس کی آپ بیتی کا رنگ جھلکتا ہے۔

(پوري، شنگاري، 2007ع: ص 17)

شاهہ لطيف بہ سسئي کي محبوب جي ٻاجهہ ۽ عنايت جي اميد ڏيکاري ٿو پر ان لاءِ ڏکن کي ڏور ڪرڻ نہ پر ڏکن پاسي گهارڻ ۽ لڪن جا ڪنن ڪشالا ڪيڻ جي صلاح ڏئي ٿو:

ڏکن پاسي سُک، سِگها ٿيندئي سسئي،
پير مَ ڇڏج پرينءَ جو، توڙي لڪن لُک،
ڏورج پاسي ڏک، تہ پوي ٻاجهہ ٻروچ کي.

(بلوچ، 1999ع: ص 345)

شاهہ لطيف تہ سسئي جي سورن جا ۽ دردن جا واهڙ وهايا آهن. بلها شاهہ جيان شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ بہ سسئيِ اهو انومان ڪري ٿي تہ ڪانئس ڪا خطا ٿي جو پنهون ڪانئس منهن موڙي هليو ويو:

ڪا جا ڳالھ ھئي، ھاروچي جي مَن ۾،
سُر سَڳر، پرُ پيچري، ڏُون جا لوڪَ سُئي،
سسئي سنگھر پٺيين، ڪير چوندو مُئي،
پنڌ ڪريندي پرينءَ ڏي، ڪڏھن ڪانہ ڪُئي،
آن ڪا ڏِٺي اوٺيا، ڪيرن پاسي ڪُھي.
(بلوچ، 1999ع: ص 310)

هن وائيءَ ۾ شاھہ لطيف فقط سسئي جي افسوس ۽ ارمان جو اظھار نہ ٿو ڪري، پر اجان اڳتي وڌي هن ڪي همٿ، حوصلو ۽ راهنمائي ٿو ڏئي تہ اي سسئي! چا بہ هجي پر تون هاٽي اها سجڻ واري واٽ وٺيو سندس ڪيڙ وڃ، تہ جيئن خلق وسهي تہ سسئي همت هاري ويهڻ بجاءِ سنگھر جي پٺن تائين پهتي ۽ مُئي. اي اُنن جي قافلي وارؤ! توهان سسئي کي ڪير جي وٽن وارن پاسي ٽڪل ٽتل حالت ۾ ڏٺو هوندو.

ٿھلان دي وچ رُلائي:

بلها شاھہ سسئي سان گڏ سھڻيءَ جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ هنن ٻنهي جي اهڙي عزم ۽ استقلال ۽ عذابن واري پنڌ ۽ ڪيفيت تي هُن پاران خدا کي ميار ڏني آهي تہ "اي خدا! تو سسئي کي سخت پٿرائين ۽ تتل راھہ تي رلايو ۽ سھڻيءَ کي ڪچي دِکي تي ترندي غرق ٿيڻ نصيب ٿيو. اهڙي ريت هو خدا تي الزام هڻندي چوي ٿو تہ "تون سچن عاشقن سان اهڙيون سختيون ڪرين ٿو."

*سَسی تھراں دے وچ رُلائی، سوہنی کچے گھڑے روڑھائی،*
*رَہ رہ وے عشقا مارا ای، کہو کس نوں پار اُتاریا ای۔*
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 328)

شاھہ لطيف بہ سسئي کي اهو سمجهائي ٿو تہ: "اهو سڀ ڪجهہ پاڻھي نہ ٿو ٿئي. "خير ۽ شر ٻئي خدا جي طرفان کان آهن." توکي اها ڄاڻ هجي، پر اي سسئي! پوءِ بہ (اهو ڄاڻڻ کان پوءِ بہ) توکي گھرجي تہ سمهي غفلت ۾ گذارڻ بدران پرينءَ جو پيچرو وٺ، تڏهن ئي تون اُن سان وڃي ملندئين."

اي پاڻ نہ ٿيي پاڻ ڪان، پاڻان ٿيي نہ پاڻ،
ولقدر خيره وَشره مِنَ اللهِ تعاليٰ" جولي ڏِسج ڄاڻ،
ڄاڻي ڏسج ڄاڻ کي، ڄاڻي منجهان ڄاڻ،
جيئن مَ سُمهين سسئي، پئج پنڌ پرياڻ،
ٿئين هيڪاندي هاڻِ، لالڻ لاءِ لطيف چئي.
(بلوچ، 1999ع: ص 288)

هن بيت ۾ شاهه لطيف سمورا اَمر الله تعاليٰ طرفان هجڻ جي حڪايت سسئي کي سمجهائي ٿو. پر هُو انهيءَ کان اڳتي وڌي ڪيس (اهو سڀ معلوم هجڻ جي) جدوجهد کي جهڪو ڪرڻ يا مايوس ٿي ويهڻ بجاءِ ڪوشش ڪندو رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ ائين ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيس منزل تي رسڻ جي نويد ٻڌائي ٿو.

هِتي شاهه لطيف بلها شاهه واري ڳالهه نهايت نرم لهجي ۽ ڍڪيل لفظن ۾ ڪئي آهي تہ مِڙئي مامرا خدا جي طرفان ئي آهن. جڏهن تہ بلها شاهه جي بيباڪي ۽ سرمستي، سندس خاص انداز ۽ انفراديت آهن.

شاهه لطيف هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ: ”آئون پنهور مان پڇي نڪتيس ۽ ڪيترا سارا جبل جهاڳيندي اچي پنهون وٽ ڪيچ پهتي آهيان. جتي هُو پاڻ آهي. تڏهن مون کي خبر پئي تہ سڀ ڪجهه تون آهين (هر امر ۾ تنهنجي رضا ۽ حڪم آهي) تہ پوءِ تون ڪهڙو انصاف ڪندين، ڪنهن کي ڏوهي ڪندين ۽ ڪنهن کي سزا ڏيندين.“

پڇي جان پنهور کان، ڏونگر ڏوريو مـُون،
ڪاهي رسيس ڪيچ کي، جتي پاڻ پنهون،
سڀ آهين تُون، قضا ڪندين ڪن سين.
(بلوچ، 1999ع: ص 287)

هتي بلها شاهه ۽ شاهه لطيف جي فڪر جي هڪجهڙائي تہ ظاهر ٿئي ٿي، پر شاهه لطيف جي ۽ بلها شاهه جي انداز بيان ۽ فڪر جي انفراديت پڻ موجود ملي ٿي.

غفلت واري ننڊ جي نندا: شاهه لطيف سُر ڪوهياري ۾ سسئي جي غفلت واري ننڊ ۽ ويسلائپ تي ڪيس تمام فهميدي انداز ۾ ڪيس اهڙي پـُـل ۽ پورائي جي انجام کان واقف ڪيو آهي ۽ ڪيس پنهنجو مقصد ۽ منزل ياد ڏياري ٿو:

لَيلَ نہ جاڳينءَ لِڪ سين، نو مَ سُتينءَ سڀ رات،
اوڳي اوٺيئڙن جا، پهه پڇين پريات،
ٿيءُ سگر تَن ساٿ، تہ پوري ڪره پال مِڙين.
(بلوچ، 1999ع: ص 332)

”اي سسئي! تو سڄي رات سمهي گذاري ۽ هڪ گهڙي جو اوجاڳو بہ پنهنجي پرينءَ پنهونءَ لاءِ نہ ڪيئي. هاڻي صبح جو انهن اوٺيئڙن جي پڇا ٿي ڪرين؟ توکي گهرجي تہ تون هاڻي بہ پنهنجي ان مقصد ۽ منزل ڏانهن راهي ٿي تہ ڪنهن پلائي سانگي پنهنجو مطلوب ماڻين.

بلها شاهه بہ پنهنجين ڪافين ۾ طالب جي غفلت ۽ آرام پسندي کي سندس مقصد ۽ منزل جي ماڻڻ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ ڄاڻايو آهي:

اُٹھ، جاگ، گھراڑے مار نہیں،
ایھ سَون تیرے درکار نہیں،
منزل تیری دُور دُراڈی، توں پونا وچوں جنگل وادی،
اوکھا پینڈا پیر پیادی، دِسدی توں اسوار نہیں۔
اٹھ جاگ گھراڑے مار نہیں۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 220)

” اي سَسُي!! اُٿي سجاڳ ٿي ۽ اِها گهري ننڊ ڇڏي ڪر، جو اِها تنهنجي ڪنهن ڪم جي ناهي جو تنهنجي منزل ڏورانهين ۽ پنڌ سخت ڪشالن وارو آهي، اُتي پيرين پنڌ وڃڻو آهي جيڪا تمام ڏکي ڳالهه آهي، تون اهڙي ڪشالي ڪرڻ جي قابل نه آهين.“

شاهه لطيف ننڊ، غفلت ۽ بيخبري کي انسان جو ويري ڄاڻايو آهي، هو سدائين سجاڳ، سُچيت ۽ متحرڪ رهڻ جي هدايت ڪري ٿو.

ننڊ ويرياڻي هوءِ، جيڏيون جَمَ سُمهو
مَ چِڙِ مُون جئن روءِ، ڪا واڪا ڪِئو وِيڙ ۾.
(بلوچ، 1999ع: ص 332)

اهڙي ريت اهو واضح ٿئي ٿو ته سسئي جي تمثيل ۾ هي ٻئي شاعر طلب جي راهه جي راهي کي غفلت ڇڏي هر وقت ۽ هر پل جدوجهد ۽ سرگرمي جو ڏس ڏين ٿا.

اديون آئون اڻ ڄاڻ:

شاهه لطيف سسئي جي پورائي جو احوال اوريندي چوي ٿو ته:
اڏيون آءُ اَڄاڻ، مُون سڱ سڄاڻي نه ڪِئو.“
(بلوچ، 1999ع: ص 289)

بلها شاهه به چوي ٿو ته آئون اڻڄاڻ، نينهن مان مان ڇا ڄاڻان؟ اهو ڪم ته سگهڙ سياڻين جو آهي. شاهه بلها شاهه ۽ شاهه لطيف عشق وارن جي هڪ ڪيفيت بيان ڪئي آهي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته نينهن ۽ مينهن جي مُند نه هوندي آهي ۽ نه اُن ۾ چونڊجو ۽ عقل جو ڪو اختيار هوندو آهي.“

میں انجانی نیونہہ کیہ جاناں، جانے سگھڑ سیانی۔
(پوري ۽ شنگاري، 2007ع: ص 345)

هتي بلها شاهه ۽ شاهه لطيف عشق وارن جي هڪ ڪيفيت بيان ڪئي آهي، جڏهن ته حقيقي اها آهي ته نينهن ۽ مينهن جي مُند نه هوندي آهي ۽ نه اُن ۾ چونڊجي عقل جو اختيار هوندو آهي.

شاهہ لطيف اهائي رمز هن ريت بيان ڪئي آهي:

مينهان ۽ نينهان، ٻيئي اکر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري، تہ ڪڪر ڪن ڪيهان،
بادل ٿي بيهان، جي آگم اچڻ جا ڪري.
(بلوچ، 1999ع: ص 538)

پنهون ٿيس پاڻ:

بلها شاهہ سسئي جي تمثيل ۾ محبوب (خدا) جي جلوي جو هر شيءِ ۾ موجود هجڻ واري حڪايت بيان ڪري ٿو جيڪا وحدت الوجودي صوفين جو فڪر ۽ بلها شاهہ جو من پسند موضوع آهي:

سَسئي دا دل لٽڻ ڪارڻ،
هوت پنهون بڻ آيا اي،
اِڪ نڪتہ يار پڑهايا اي.
(جکراڻي، 2013ع: ص 31)

شاهہ لطيف انهيءَ فڪر کي پنهنجي اعليٰ صوفياڻي اظهار سان هن ريت بيان ڪيو آهي، " من منزل تي سَسُيءَ ۾ الوهيت وڏي منزل ماڻي ٿي ۽ هن لاءِ پنهون خالق جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو." ان وقت آئون پاڻ پنهون ٿي پيس جڏهن سسئي جي سونهن فنا ٿي وئي. 'الله آدم کي پنهنجي صورت مطابق خلقيو' وٽن ۾ پڻ اهائي وائي آهي، هوت پنهونءَ هن پوري، ڪِريل، ماريل کي ڪڏ مان ڪڍي پنهنجي هنج ۾ ڪيو".

پ ُنهون ٿيس پاڻ، ويئي سسئيءَ جي سونهن،
"خلق آدمَ عليٰ صورتہ" وٽن منجهہ ورونهن،
چري منجهان ڇُونہ، ڪڍي هوت هنجهہ ڪي.
(بلوچ، 1999ع: ص 288)

هتي شاهہ لطيف سسئي جي الاهي صورت اختيار ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، جنهن نقطي جو ماخذ ۽ بنياد اهوئي ساڳيو آهي، جيڪو بلهي شاهہ جو آهي، هيءَ ڳالهہ هڪ مشهور حديث تي آڌاريل آهي:

بلها شاهہ هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

وڑ اندر دیکھو کیہڑا اے،
کیوں . حضہ یں باہر ڈھونڈیندی اے۔
پوري، شنگاري، 2007ع: ص 72)

هتي بہ وحدت واري اهائي وائي آهي تہ خدا هر وجود ۾ وسي ٿو.

پيچ پنهونءَ سان روزِ ازل کان:

بلها شاهہ چوي ٿو تہ: "ڪن ٿي وڃ، فيڪون، ٿي وئي، هِن ۾ خدا جي حڪم سان ڪائنات جي خلقڻ ڏانهن اشارو ڪيل آهي. بلها شاهہ چوي ٿو تہ منهنجو محبوب سان نينهن جو ناتو ان ڪان بہ اڳ جو اڙيل آهي، اهو رشتو لِڪ چوريءَ وارو نہ آهي."

کن فیکون اَگےّ دیاں لگیاں،

ہووں نہ لگڑا چوری دا۔

وري، شنگاري، 2007ع: ص 44)

شاهہ لطيف وٽ ساڳيو فڪر انهن ئي لفظن ۾ ملي ٿو. سسئي چوي ٿي تہ "منهنجو پيچ پنهون سان ان ميثاق جي ڏينهن کان، يعني روزِ ازل کان پنهون سان لڪيو ويو."

جڏهن "ڪُن فيڪون" تَڏَ نِئو آرياڻي ارواح،

انگ اڳهين لکيو منهنجو ميثاقا.

(بلوچ، 1999ع: ص 319)

بلها شاهہ جو ڪلام عوامي آهي. هُو پنهنجي فڪر ۽ ڪردار ۾ صاف گو بيباڪ ۽ سماجي ريتن رسمن جو باغي شاعر آهي. هن ذات پات، فرقي بازي، مذهبي تعصب، سماجي ڏاڍ، مُلان گردي خلاف وڏي سڏ واڪا ڪيا ۽ مزاحمت ڪئي، هو انسان جي عظمت جو قائل هو هن جي شاعري اعليٰ فڪر ۽ استفهام جي، ڳولا جي ۽ جدوجهد جي تصوير آهي، هُو پاڻ بہ عملي طور اهڙي زندگي گهاريندو رهيو. جنهنڪري ڪيس ڪئي ڪننائون پوڳڻيون پيون. بلها شاهہ صوفي شاعرن جي صف ۾ بہ منفرد ۽ مٿانهون مقام ماڻي ٿو.

بلها شاهہ سسئي جي بيان ۾ هُن جي ڏکن ۽ سورن جي اپٽار ڪندي هن سان همدردي ۽ حمايت جو اظهار ڪيو آهي. سسئي جي تمثيل ۾ صوفي مسلڪ جا باريڪ نڪتا سهڻي نموني سمجهايا آهن. انهن مڙني ڳالهين ڪان مٿانهين ڳالهہ تہ هُن سسئي جي ڪردار جي جدوجهد واري جذبي ۽ عزم کي ساراهي ۽ همٿائي ٿو. جڏهن تہ سندس غفلت ۽ پنهنجي مقصد ۽ منزل ڪان ويسلائپ ۽ لاپرواهي تي تنبيهہ ڪري ٿو.

"اسان جي شاعراڻي ادب (سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، هندي ۾ عورت عزم، پختي ارادي ۽ استقلال جي علامت طور پيش ڪئي وئي آهي. لطيف جو ڪلام هجي يا بابا بُلا شاهہ جو غلام فريد هجي يا سچل سرمست، ڪبير ڀڳت هجي يا ميران ٻائي، انهن سيني جي ڪلام ۾ عورت کي عزم ۽ استقلال ۾ ثابت قدم ڏيکاريو ويو آهي." (الانا، 1998ع: ص 51)

حق آهي تہ عورت ذات پنهنجي تاريخ ۾ جيڪي سختيون، ڪشالا، ناحق، ظلم و جبر، تشدد ۽ ناانصافيون ڏٺيون ۽ سَنيون آهن ۽ پوءِ بہ سماج ۾ پنهنجو اوچو ڳاٽ ۽ ڪردار ادا ڪندي رهي آهي، اِهو ان جو عزم، حوصلو ۽ همت ئي آهي جنهن ڪيس انهن مڙني مامرن ڪي منهن ڏيڻ ۽ اڳتي وڌڻ ۾ طاقت ۽ توانائي بخشي آهي.

## حوالا:


1. ابن حنيف، (1998) "دنيا ڪا قديم ترين ادب" (حصہ اول) ملتان: بيڪن باڪس.
2. بلوچ نبي، بخش خان، ڊاڪٽر، (1999)؛ "شاهہ جو رسالو" حيدرآباد سنڌ، علامہ قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت.
3. ڀٽي، امجد علي، ڊاڪٽر، (2015)؛ "بلهي شاهہ" اسلام آباد، نيشنل بڪ فائونڊيشن.
4. پوري، جي آر ۽ شنگاري، ٽي.آر، (2007)؛ "سائين بلي شاهہ" لاهور، فڪشن هائوس.
5. شيخ، طارق عزيز، (1998)؛ "شاهہ عبداللطيف ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر" ۽ ڄامڙو ڪمال، ڊاڪٽر، ڪراچي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1998): "شاهہ لطيف عزم ۽ استقلال جو داعي" (40-56) مرتب، شاد بشير احمد، ڊاڪٽر شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي.
7. پال، جميل احمد، (2012): "سائين شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪي هم عصر تين پنجابي شاعر" مرتب مانجهي محمد علي، ڊاڪٽر: "مون ۾ تون موجود" (143-156)، ڪراچي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.